# ڏيـئـو

ليکراج ڪشنچند عزيز 1897ع ۾ ڄائو. هي نظم سنڌي زبان جي بلند پايہ شاعر ليکراج ڪشنچند عزيز جو چيل آهي. سندس شعر جو مجموعو "ڪلياتِ عزيز" جي نالي سان ڇپيل آهي. هو سٺو مضمون نويس ۽ نقاد بہ هو. سندس مضمونن جو مجموعو "ادبي آئينو" جي نالي سان ڇپيل آهي.

ڳڪائن گهرن کـي تون روشن ڪرين ٿـو،
غريبن جـي جُهونرن کي گلشن ڪرين ٿـو،
لٺي سـچ عيان پنهنجو جوڀن ڪرين ٿـو،
سحر تائين هـر جا نشيمن ڪرين ٿـو!

مزورن ۽ ڪُڙمين سـان همڪار آهين،
فقيرن جـي مجلس جـو سينگار آهين،
سڙي تون ٻين کـي ڏئين ٿـو سُهائِي،
رکيل تـو ۾ ڪيڏِي نہ آهـي چڱائِي!

پَـــري ڪان مُنجهيل جـــي ڪرين رهنمائِي،
ڏِيا، تـــو ۾ آهي ســـراســـر سچائِي،
سچو دوســـت دشمن تـــي دلســـوز آهين،
سچائيءَ ســـان سڀ جـــو شب افروز آهين!

مـــدد ڏين ٿو ڪم ڪـــار ۾ تون با محنت،
ٻرڻ ســـان تنهنجي ٿئي دفـــع ظلمت،
نہ پنهنجي پرائي جـــو ڏارين تـــفـــاوت،
رکين قلب ۾ ڪانہ ڪنهن ڏانهن ڪدورت.

سعـــادت جو بيشڪ تـــون آهين ستـــارو،
ڏِيا، تون تـــو لاهين جهان تان انـــڌارو؛
هوا ســـانڍ ســـر لاٽ جو ٿو جُهڪائين،
ٿو نِوَڙت ڪندي پنهنجي جِيوت بچائين.

حياتـــيءَ جـــو مقصد سچو تـــو ٻُڌائين،
ٻين لاءِ پنهنجو ٿو تـــن مـــن جلائين،
جَلِي جي ٻين کـــي سُهائو ڏيـــن تـــا،
لَکين گهورَ تـــن تـــان پتنگا ٿين تـــا!

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1- ڪڪائن گھرن کي ڪير روشن ڪري ٿو؟

2- ڏيئي ۾ ڪهڙي چڱائي رکيل آهي؟

3- ڏيئي وٽ نوڙت جي ڪهڙي نشاني آهي؟

4- شعر جي آخري ٻن سٽن مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

**(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

ڪڪائن – ڪڙمين – سُهائي – سراسر – لاٽ.

**(ج) اهڙا پنج لفظ ٻڌايو، جيڪي جاين جا نالا هجن.**

**(د) O هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:**

حياتيءَ جو مقصد ______ ٿو ٻڌائين،

ٻين لاءِ پنهنجو ٿو ______ جلائين.

______ ٻين کي سهائو ڏين ٿا،

______ تن تان پتنگا ٿين ٿا.